# جانورن تي رَحم ڪريو!

07-July-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

7جولاء، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# جانورن تي رَحم ڪريو!

## هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

- ✿... تڪبيرِ تشريق ڇا آهي؟
- ✿... دُعائن جي قبوليت جا ڏينهن
- ✿... هر شيء ۾ اِحسَان جو حڪم ڏنو ويو آهي
- ✿... رحم دِل تي رحمٰن رحم فرمائي ٿو
- ✿... ذَبح ڪرڻ جا ڪجھ آداب
- ✿... اميرِ اهلسنت جي والِدِ محترم جو ذِڪرِ خير

**پيشڪش**

**مجلس اَلمَدِيـنَةُ العِلمِيہ**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)

**ترجمو:**

**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن کي ڪا اَهم حاجت پيش اچي، اهو مون تي ڪثرَت سان درود شريف پڙهي ڇوته درودِ پاڪ ڏُک، دَرد، مصيبتن کي پري ڪري ٿو ۽ رِزق ۾ اِضَافو ڪري ٿو.[1]

دُور ہو جائیں دُنیا کے رنج و اَلم | ہو عطا اپنا غم دیجئے چشمِ نم
مال ودولت کی کثرت کا طالب نہیں | تم پہ ہر دم کروڑوں دُرُود وسلام (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت افضل ترين عمل آهي.[3]

**اي عاشقانِ رسول!** هر ڪم کان پهريان چڱيون چڱيون نيتون ڪرڻ جي عادت

---

1 ... بُسْتان الواعِظين، صفحه:241۔

2 ...وسائل بخشش، صفحه:604۔

3 ... جامع صغير، صفحه:81، حديث: 1284

ٻڌايو ڇوته چڱي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪريو! ۞ علمِ دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ۞ باادب ويهندس ۞ پنهنجي اصلاح جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! هاڻي جيڪي ڏينهن اسان گذاري رهيا آهيون يعني 8، 9، 10 ذوالحج ۽ هن کان پوءِ اڳتي 11 کان 13 ذوالحج، اهي انتهائي اهم ۽ فضيلت وارا ڏينهن آهن.

۞ الله پاڪ جي نبي حضرتِ ابراهيم خليلُ الله عَلَيْهِ السَّلَام جنهن رات پُٽ جي قرباني بابت خواب ڏٺو ان کان اڳئين ڏينهن 8 ذو الحج جو ڏينهن هو. هن ڏينهن حضرتِ ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام غور و فڪر ڪندا رهيا ته اهو خواب الله پاڪ جي طرفان وحي آهي يا نه؟ انهي ڪري 8 ذوالحج کي يومُ التَّرْوِيه (يعني سوچ ويچار وارو ڏينهن) چيو وڃي ٿو. ۞ 9 ذوالحج تي حضرتِ ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي خبر پئجي وئي ته هي خواب الله جي طرفان وحي آهي، انهي ڪري 9 ذوالحج کي يومُ العَرفَه (يعني سڃاڻپ وارو ڏينهن) چيو وڃي ٿو ۞پوءِ 10 ذوالحج تي حضرتِ ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي شهزادي حضرتِ اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي ڳلي تي ڇُري رکي ۽ اطاعت ۽ فرمانبرداري، محبتِ اِلٰهي، ايثار ۽ قرباني جي جذبي جو لازوال مثال قائم فرمايو، حضرتِ اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي فِديي ۾ جنّت مان دُنبو آندو ويو ۽ حضرتِ ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ان جي قرباني فرمائي، ان ڪري 10 ذوالحج کي يومُ النَّحر (يعني قرباني جو ڏينهن) چئبو آهي ۞ هن کان بعد جيڪي 3 ڏينهن آهن (11، 12 ۽ 13 ذوالحج) هنن ڏينهن کي اَيّامِ تشريق چيو ويندو آهي.

## جنّت واجب ٿي ويندي آهي...!!

حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي آخري نبي،

رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن 5 راتين کي زنده ڪيو (يعني بيدار رهي عبادت ۾ گذاريو)، ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي. اهي 5 راتيون هي آهن: (1) لَيلَةُ التَّرۡوِيَه (يعني 8 ذوالحج جي رات) (2)لَيلَةُ عَرَفَه(يعني9 ذوالحج جي رات) (3) لَيلَةُ النَّحر (يعني 10 ذوالحج جي رات) (4)لَيلَةُ الۡفِطۡر (يعني عيد الفطر جي چنڊ واري رات) (5)لَيۡلَةُ النِّصۡفِ مِنۡ شَعۡبَان (يعني شب براءَت).

اي عاشقانِ رسول! عِبَادت جڏهن بہ ڪئي وڃي، ان ۾ برڪتون ئي برڪتون آهن، فضيلتون ئي فضيلتون آهن، البت هي ڏينهن جيڪي هينئر اسان گذاري رهيا آهيون ۽ هي راتيون جيڪي حديثِ پاڪ ۾ بيان ٿيون، هي خاص طور تي عبادت جون راتيون آهن، اسان کي گهرجي تہ پنهنجي مصروفيتن ۾ ڪجهہ ڪمي آڻي، وقت ڪڍي هنن راتين کي عبادت ۾ گذاريون، فرض نماز تہ پڙهڻي ئي پڙهڻي آهي هن سان گڏوگڏ نفل نماز پڙهون، تلاوتِ قرآن ڪريون، ذڪرُ الله ڪريون، درودِ پاڪ پڙهون، ديني ڪتاب پڙهون، عِلمِ دِين سکون، مطلب ڪنهن نہ ڪنهن طرح اسان جون هي راتيون عِبَادت ئي ۾ گذرن تہ اِنۡ شَآءَ الله الۡكَرِيم! ڪوڙ نيڪيون نصيب ٿينديون، ثواب ملندو ۽ الله پاڪ چاهيو تہ اِنۡ شَآءَ الله الۡكَرِيم! جنّت ۾ داخلو بہ نصيب ٿي ئي ويندو.

مرے دِل سے دُنیا کی چاہت مٹا کر | کر اُلفت میں اپنی فنا یااِلٰہی!
بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صَدْقہ | گناہوں سے ہر دَم بچا یااِلٰہی!
مِرا ہر عَمَل بس ترے واسطے ہو | کر اِخلاص ایسا عطا یااِلٰہی!
عبادت میں گزرے مری زندگانی | کرم ہو کرم یاخُدا یااِلٰہی! (1)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]... وسائل بخشش ، صفحہ:105۔

## مدني مذاڪرن ۾ شرڪت ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مبارڪ راتين ڪي عبادت ۾ گذارڻ جو هڪ اهم ذريعو مدني مذاڪرو بہ آهي، اَلحمدُ لِلّٰہ! شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّاري قادري رضوي دَامَت بَرَڪاتهمُ الْعَالِيه پهرين ذوالحج کان 10 ذوالحج تائين مدني چينل تي لائيو (Live) مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن (يعني سوال جواب جو) سلسلو ٿيندو آهي، مدني مذاڪرو عِلمِ دِين سکڻ، پنهنجي اِصلاح ڪرڻ ۽ عَمَل جو جذبو وڌائڻ جو بهترين ذريعو آهي. اوهان بہ هنن مدني مذاڪرن ۾ شرڪت ڪريو! اِنْ شَآءَ اللہ الْڪرِيم! بيشُمار برڪتون نصيب ٿينديون.

## تڪبيرِ تشريق پڙهڻ جو قرآني حڪم

سيپاري: 2، سورت بقره، آيت:203 ۾ اللہ پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَاذْكُرُوا اللّٰهَ فِيْٓ اَيَّامٍ مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ<br>(پاره:2،سورة بقره:203) | ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڳڻپ جي ڏينهن ۾ اللہ جو ذڪر ڪيو |

تفسيرِ صراط الجنان ۾ آهي ڳڻپ ڏينهن مان مراد اَيامِ تشريق آهي ۽ ذِڪرُاللہ مان مراد آهي نمازن کان بعد ۽ حج دوران رمي جمرات جي وقت تڪبير چوڻ.[1]

## تڪبيرِ تشريق ڪڏهن کان ڪيستائين پڙهي وڃي!

خيال رهي! نالي جي لحاظ کان 11 ذوالحج کان وٺي 13 ذوالحج تائين (يعني 3 ڏينهن ) اَيامِ تشريق چورائبا آهن پر تڪبيرِ تشريق پڙهڻ جو جيڪو حڪم آهي اهو 9 ذوالحج جي فجر کان 13 ذوالحج جي عصر تائين آهي، بهارِ شريعت ۾ آهي: 9 ذو الحج جي فجر کان 13 ذوالحج جي عصر تائين هر فرض نماز جيڪا جماعت سان ادا ڪئي وئي، ان کان بعد هڪ ڀيرو بلند آواز سان

[1]… تفسير صراط الجنان،پاره:2،سورة بقرة:،تحت الآية:203،جلد:1،صفحہ:321۔

تڪبير چوڻ واجب آهي ۽ 3 ڀيرا تڪبير چوڻ افضل آهي، هن کي **تڪبيرِ تشريق** چيو ويندو آهي.

**تڪبيرِ تشريق هي آهي:** اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْد

❁ تڪبيرِ تشريق سلام ورائڻ ڪان فوراً بعد پڙهڻ واجِب آهي ❁ ۽ جيڪو مسبوق هجي يعني جيڪو جماعت ۾ دَير سان شامِل ٿيو هجي ۽ ان جون ڪجھ رڪعتون رهجي ويون، ان جي لاءِ حڪم هي آهي تہ هو پنهنجون باقي رهيل رڪعتون پڙهي جڏهن سلام ورائي، ان مهل تڪبير چوي، ان تي بہ تڪبير چوڻ واجب آهي.(1)

## تڪبير تشريق ڇا آهي؟

مُفَسِّرِ قرآن، حڪيم الأُمّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ الله عليه فرمائن ٿا: **تڪبيرِ تشريق** اصل ۾ حضرتِ ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام، حضرتِ اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام ۽ حضرتِ جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جي لفظن جو مجموعو آهي. جنهن وقت حضرتِ ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام حضرتِ اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي قرباني جي لاءِ سندن ڳلي تي ڇُري رکي، حضرتِ جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي الله پاڪ جنتي دنبو ڪٺي حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنو، حضرتِ جبرائيلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام دنبو آڻيندي وقت بلندي تان ئي هيئن پڙهندي آيا: اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَر، هي آواز ٻڌي حضرتِ ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام نگاهہ مبارڪ کڻي ڏنو تہ حضرتِ جبرائيلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام جنتي دنبو کڻي اچي رهيا آهن، ان تي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پڙهيو: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ . پوءِ الله پاڪ جي حڪم سان حضرتِ اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جا هٿ پير کوليا ويا ۽ کين قرباني قبول ٿيڻ جي خوشخبري ڏني وئي تہ حضرتِ اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام چيو: اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْد.

ان وقت حضرتِ جبرائيل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام جيڪو ڪجھ پڙهيو، حضرتِ ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جيڪو ڪجھ پڙهيو، حضرتِ اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جيڪو ڪجھ پڙهيو، ان کي

---

1... بهارِ شريعت، جلد: 1، صفحه: 784، حصه: 4۔

پاڻ ۾ ملايو ويو، ان کي **تڪبيرِ تشريق** چوندا آهن: اَللهُ اَڪبَرُ اَللهُ اَڪبَرُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَڪبَرُ اَللهُ اَڪبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ.[1]

ڪاش! اسان پنهنجو هي انداز ناهيون، هر نماز کان بعد اڪيون بند ڪري حضرتِ ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي قرباني جو تَصَوُّر ڪري تڪبيرِ تشريق پڙهون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪرِيم! تڪبير پڙهڻ جو لُطف وڌي ويندو. الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرمائي.

## اَيامِ تشريق ذِڪرُالله ڪرڻ جا ڏينهن آهن

اي عاشقانِ رسول! 10 ذوالحج (يعني عيدُ الاَضْحيٰ جي پهرين ڏينهن) کان وٺي 13 ذوالحج تائين، يعني انهن 4 ڏينهن جو روزو رکڻ شريعت ۾ منع آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَلَا وَاِنَّ هٰذِهِ الْاَيَّامَ اَيَّامُ اَڪْلٍ وَّشُرْبٍ وَّذِڪْرِ اللهِ ٻڌو! بيشڪ هي ڏينهن کائڻ پيئڻ ۽ ذِڪرُ الله ڪرڻ جا ڏينهن آهن.[2]

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي وضاحت ۾ فرمائن ٿا: مطلب هي آهي ته هي ڏينهن ٻانهن جي مهماني جا ڏينهن آهن، جن ۾ الله پاڪ ميزبان ۽ ٻانهو مهمان هوندو آهي، ان ڪري هنن ڏينهن ۾ روزو رکڻ جڻ الله پاڪ جي دعوت جو اِنڪار ڪرڻ آهي، لهٰذا انهن ڏينهن ۾ کائو! پيئو! ۽ خوب الله جو ذڪر ڪريو![3]

## ذِڪرُالله جو ڪوا ختِتَامي وقت ناهي

عالم سڳورا فرمائن ٿا: حج ۽ قرباني مڪمل ٿيڻ کان بعد جا جيڪي ڏينهن آهن، هنن ڏينهن ۾ الله پاڪ خصوصيت سان ذِڪرُالله جو حڪم ڏنو آهي. هن مان اِهو مدني گل سڪڻ لاءِ ملي ٿو ته هر عبادت جو هڪ مَحدُود وقت ( time

---

1 ... مرآة المناجيح،جلد:2،صفحه: 88 مفهوماً۔

2 ... مسلم ، كتاب الصيام ، باب تحريم صوم ايام التشريق ، صفحه:412، حديث :1141۔

3 ... مرآة المناجيح ،جلد:3، صفحه:186 بتغير قليل ۔

period ) آهي، مثلاً نماز تڪبيرِ تحريمہ کان شروع ٿئي ٿي، سلام تي ختم ٿي وڃي ٿي، روزو سحري کان شروع ٿئي ٿو، اِفطار تي ختم ٿي وڃي ٿو، اهڙي طرح حج جا بہ مخصوص ڏينهن آهن، مطلب هر عبادت جو هڪ مقرر وقت آهي پر ذِڪر اها عبادت آهي جنهن جو ڪو مَحدُود وقت نہ آهي، هي سچي زندگي جي عبادت آهي، يعني ٻانهو هي تہ چئي سگهي ٿو مان نماز پڙهي چڪو آهيان پر هي نٿو چئي سگهي تہ مان ذِڪرُ الله کان فارغ ٿي چڪو آهيان، ذِڪر سچي زندگي جي عِبَادت آهي، هن جو اختتامي وقت موت ئي آهي. لهٰذا اسان کي گهرجي تہ اسان هميشہ پنهنجي زبان کي ذِڪرُ الله سان تَر رکون، بالخصوص اَيامِ تشريق ۾ تہ ڪثرت سان ذِڪر ڪيو وڃي جو هنن ڏينهن ۾ ذِڪرُ الله جو خصوصاً حڪم ڏنو ويو آهي. الله پاڪ اسان سڀني کي ڪثرتِ ذِڪر جي توفيق عطا فرمائي.

ڪاش لب پر مرے رہے جاری | ذِکر آٹھوں پہر ترا یاربّ!
چشمِ تَر اور قلبِ مُضْطَر دے | اپنی اُلفت کی مَے پلا یاربّ! [1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دُعائن جي قبول ٿيڻ جا ڏينهن

حضرتِ ابوموسيٰ اَشعري رَضِیَ اللهُ عَنْه صحابي رسول آهن، پاڻ 10 ذوالحج تي خطبو ڏيندي فرمايائون: ڳڻپ وارن ڏينهن (يعني اَيامِ تشريق)، جن ڏينهن ۾ الله پاڪ ذڪرُالله جو حڪم ڏنو آهي، هي اهي مبارڪ ڏينهن آهن جو انهن ۾ دُعا رَدّ ناهي ڪئي ويندي، تنهنڪري انهن ڏينهن ۾ الله جي طرف پنهنجي رغبت اجان وڌايو.[2]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اَيامِ تشريق دُعائون قبُولِ ٿيڻ جا ڏينهن آهن،

[1]... وسائل بخشش، صفحہ:79۔

[2]... لطائف المعارف ، صفحہ:388۔

هنن ڏينهن ۾ خُوب دُعائون گُهرو، الله پاڪ کان بخشش گُهرو، جنّت گهرو، مشڪلات کان ڇوٽڪارو گُهرو، مديني جي هر هر بااَدَب حاضري گهرو، مديني ۾ مرڻ جون دُعائون گُهرو، دِين جون ڀلائيون بہ گُهرو، دُنيا جون بہ ڀلائيون گهرو. حضرتِ عِڪرمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: اَيام تشريق ۾ ھي دعا گھرڻ مستحب آھي، ڪھڙي دعا؟ جيڪا الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ اسان کي سيکاري آھي:

رَبَّنَاۤ اٰتِنَا فِی الدُّنْیَا حَسَنَةً وَّ فِی الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾

(پاره:2،سورۃ بقره:201)

ترجموڪنز الايمان: اي اسان جا رب! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي عطا ڪر ۽ اسان کي آخرت ۾ (بہ) ڀلائي عطا ڪر ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.[(1)]

اِلٰہی! میں تیری عطا مانگتا ہوں
کرم مغفرت کی دُعا مانگتا ہوں

اِلٰہی! نہیں مانگتا مال و دولت
فقط تجھ سے تیری رضا مانگتا ہوں

نہ دے ایسی خوشیاں جو غفلت میں ڈالیں
خُدایا! غمِ مصطفٰے مانگتا ہوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جانورن تي رحم ڪريو!

اي عاشقانِ رسول! اَلحمدُ لله! قرباني جا ڏينهن ويجهو آهن، هر پاسي سُنَّتِ ابراهيمي جي ڌوم متل آهي، خوش نصيب ماڻهو الله پاڪ جي خليل حضرتِ ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي سُنَّت کي ادا ڪرڻ لاءِ مال خرچ ڪري خوبصورت کان خوبصورت جانور خريد ڪري رهيا آهن، گهٽين ۾ جانورن جي رونق آهي،

[1]... لطائف المعارف ، صفحہ:388۔

جيڪي خوش نصيب عاشقانِ رسول هن سال قرباني جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهن، الله پاڪ انهن سڀني جون قربانيون پنهنجي بارگاهه ۾ قبول فرمائي ۽ جيڪي قرباني جي استطاعت نٿا رکن ۽ دل ۾ حسرت رکن ٿا، الله پاڪ انهن کي به استطاعت نصيب فرمائي. آمِين بِجَاه خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

الحمدُلله! قرباني جي ڏينهن ۾ جانور خريد ڪيا ويندا آهن، ڪجهه ڏينهن گهر ۾ رکڻ جو به سلسلو ٿيندو آهي، هن حوالي سان اسان کي گهرجي ته اسان جانورن جا حقوق به سکون ۽ انهن بي زبانن جو ڀرپُور خيال به رکون، اچو هن حوالي سان هڪ خوبصورت حديث پاڪ ۽ ان جي مختصر وضاحت ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا:

## هر شيءِ ۾ اِحسَان جو حڪم ڏنو ويو آهي

حضرتِ شَدَّاد بن اَوس رَضِيَ اللهُ عَنْه صحابيءِ رسول آهن ۽ مشهور صحابيءِ رسول، شاعِرِ دربارِ رسالت حضرتِ حسان بن ثابت رَضِيَ اللهُ عَنْه جا ڀائيٽا آهن، پاڻ فرمائن ٿا: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، مُحَمَّد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّ اللهَ كَتَبَ الْاِحْسَانَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ بيشڪ الله پاڪ هر شيءِ ۾ احسان جو حڪم ڏنو آهي فَاِذَا قَتَلْتُمْ لهٰذا جڏهن توهان ڪنهن کي قتل ڪريو (مثلاً ڪنهن جرم ڪيو ۽ ان کي موت جي سزا ڏيڻي هجي) فَاَحْسِنُوا الْقِتْلَةَ ته ان کي احسان ۽ ڀلائي سان قتل ڪريو (يعني اهڙي انداز ۾ ان کي سزا ڏيو جو ان کي وڌيڪ تڪليف نه ڪٽڻي پوي، مثلاً ان جا ڪن نه ڪٽيو! ان کي باهه ۾ نه ساڙيو! بلڪ اهڙي انداز ۾ قتل ڪريو جو ان کي گهٽ مان گهٽ تڪليف برداشت ڪرڻي پئي) رحمتِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڌيڪ فرمايو: وَ اِذَا ذَبَحْتُمْ فَاَحْسِنُوا الذِّبْحَ ۽ جڏهن توهان ذبح ڪريو ته ان ۾ به اِحسان ۽ ڀلائي جو لحاظ رکو! وَلْيُحِدَّ اَحَدُكُمْ شَفْرَتَهُ وَلْيُرِحْ ذَبِيحَتَهُ توهان مان هر هڪ کي گهرجي ته ڇُري تيز ڪري ڇڏي! ۽ پنهنجي ذبيحي(يعني

جانورن کي راحت پهچائي![1]

## تمام مخلوقات جي لاءِ رحمدِل هئڻ جو بيان

پيارا اسلامي ڀائرو! هي هڪ خوبصُورت حديثِ پاڪ آهي، هن ۾ اسان جي پياري آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شروع ۾ هڪ اُصُول بيان فرمايو تہ **بيشڪ الله پاڪ هر شيءِ تي احسان ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.** چاهي ڪا بہ شيءِ هجي، انسان هجي، جانور هجي، ميوو، گل، ٻوٽو وغيره هجي، انهن سان ڀلائي سان پيش اچڻ، هر هڪ سان ان جي مناسب حالت مطابق اِحسَان وارو معاملو ڪرڻ لازِم آهي.

## پيالي مان آهہ! جو آواز آيو!

حضرت علي خَوَّاص رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: رحم دِل ٿيڻ جي شرطن مان (هي بہ) آهي تہ انسان بي جان شين سان بہ اهڙو ئي معاملو ڪري، جهڙو جاندار سان ڪيو ويندو آهي، مثلاً پاڻي جو پيالو ڪٽڻ ۽ رکڻ ۾ بہ احتياط ۽ ڀلائي سان ڪم وٺي. وڌيڪ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون پيالو زَور سان هيٺ رکيو، تہ پيالي مان آهہ! جو آواز آيو (جڻ تہ زور سان رکڻ سبب پيالي کي بہ تڪليف پهتي)، حضرت علي خَوَّاص رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ان ڏينهن کان مان بي جان شين کي بہ وڏي نرمي سان رکندو آهيان.[2]

## وڻ ۽ پٿر بہ تسبيح ڪن ٿا

ٿي سگهي ٿو ڪنهن کي وسوسو اچي تہ پيالو ڪيئن آواز ڪڍي سگهي ٿو؟ هن حوالي سان عرض آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اِنۡ مِّنۡ شَیۡءٍ اِلَّا یُسَبِّحُ بِحَمۡدِهٖ وَ | ترجَموڪنزُالعرفان: ۽ ڪا بہ شيءِ اهڙي نہ آهي جيڪا ان جي حمد بيان ڪرڻ سان گڏ پاڪائي بيان |

---

1 ...مصنف عبد الرزاق ،کتابُ:المناسک ،بابُ:سنۃ الذبح ، جلد:4، صفحہ:376 ،حدیث:7635۔

2 ...لوا قح الانوار القدسیہ ،العہد السابع و السبعون بعد المائۃ فی الشفقۃ و الرحمۃ ، جلد:1،صفحہ:573۔

وَلٰكِنْ لَّا تَفْقَهُوْنَ تَسْبِيْحَهُمْ ؕ
(پاره:15،سورة بني اسرائيل:44)

نہ ڪندي هجي. پر توهان ان جي تسبيح ناهيو سمجهندا

مُفَسِّر سڳورا فرمائن ٿا: دُنيا جي هر شيءِ ايستائين جو پٿر ۽ وڻ وغيره تمام شيون الله پاڪ جي تسبيح بيان ڪن ٿيون، ها! انهن جي تسبيح اسان ٻُڌي ۽ سمجهي نٿا سگهون، صحابي سڳورا عَلَيهِمُ الرِّضْوَان فرمائن ٿا: اسان رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ کاڌو کائيندا هئاسين تہ کاڌو تسبيح ڪندو هو، اسان اُن تسبيح کي پنهنجي ڪنن سان ٻڌندا هئاسين.[1]

خبر پئي: الله پاڪ چاهي تہ بي جان شيون بہ ڳالهائي سگهن ٿيون، ها! اسان کي انهن جو آواز سمجهہ نٿو اچي. حضرت علي خَوَّاص رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪامِل ولي هئا ۽ اَولياءِ ڪرام کي الله پاڪ گهڻو ڪجهہ ٻُڌڻ جي طاقت عطا فرمائي ٿو، لهٰذا پاڻ پيالي جي چنگهڻ جو آواز بہ ٻُڌي ورتو. بهر حال! اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ اسان هر شيءِ تي اِحسَان ڪريون، هر معاملي ۾ ڀلائي سان پيش اچون.

## رحمتِ عالَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رَحمت جو هڪ حصو!

عالم سڳورا فرمائن ٿا: الله پاڪ اسان جي آقا ۽ مولئٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي رَحمَةٌ لّلعَالَمِين بڻائي موڪليو آهي، هي بہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بي پناهہ رَحمت ئي جو هڪ حصو آهي جو پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر معاملي ۾ اِحسَان ۽ ڀلائي جو حڪم ڏنو، ايستائين جو شرعِي حڪم بيان ڪندي جانورن کي ذَبَح ڪرڻ جو حڪم بہ ڏنو، قرباني جي ترغيب بہ ڏياري، هن سان گڏوگڏ جانورن سان ڀلائي ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنائون.

## ٻڪري ذبح ٿيڻ کان بچڻ لاءِ بارگاهہ رسالت ۾ پهتي

هڪ ڀيري هڪ قاصائي پنهنجي ٻڪرين جي واڙي ۾ پهتو، دروازو کولي ذبح ڪرڻ جي لاءِ هڪ ٻڪري کي پڪڙڻ چاهيو تہ اها ٻڪري ان کان ڇڏائي ڀڄي

[1]…تفسير قرطبى، پاره :15، بنى اسرائيل، تحت الآية:44، جلد:5، صفحه2988۔

وئي ۽ ٻجندي ٻجندي رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پاڪ بارگاھ ۾ حاضِر ٿي، قاصائي بہ پنيان اچي پهتو، ان ٻڪري کي تنگ مان پڪڙي گهلي وٺي وڃڻ لڳو تہ ان تي رحمتِ عالم، سرورِ ڪون و مڪان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پهرين ٻڪري کي فرمايو: اِصْبِرِي لِاَمْرِ الله يعني اللہ پاڪ جي حڪم تي صَبر ڪر! پوءِ شانِ رحمت ڏيکاريندي قاصائي کي فرمايائون وَاَنْتَ يَا جَزَّارُ فَسُقْهَا اِلَى الْمَوْتِ سَوْقًا رَفِيقًا اي قاصائي! هن کي موت جي طرف نرمي سان وٺي وڃ![1]

سُبحٰنَ الله! هي آهي رحمتِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪمال رحمت...!! ٻڪري جيڪا بارگاهِ رحمت ۾ آئي هئي، ان کي اللہ پاڪ جي حڪم تي صبر ڪرڻ جي تلقين بہ فرمائي ۽ گڏوگڏ شانِ رحمت بہ ڏيکاري جو قاصائي کي حڪم ڏنائون: توهان هن کي اللہ جي حڪم سان موت جي طرف وٺي وڃي رهيا آهيو! هن حالت ۾ بہ نرمي ۽ ڀلائي سان پيش اچو! هن سان بہ سٺو سلوڪ ڪريو!

## هڪ وِراثت مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

عالم سڳورا فرمائن ٿا: اسان رَحمَۃٌ لّلعَالَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا اُمتي آهيون ۽ اُمتي جو حق ٿئي ٿو تہ هو پنهنجي نبي پاڪ جي سيرت تي هلڻ جي ڪوشش ڪري، پنهنجي نبي جي اخلاق کي اپنائي، پنهنجي نبي جي ڪردار کي پنهنجو آئيڊيل بڻائي، پنهنجي نبي عَلَيْهِ السَّلَام جي (محبت جي) رنگ ۾ رنگجي وڃڻ جي ڪوشش ڪري. اهو ئي سبب آهي جو اللہ پاڪ اسان کي بہ هر شيءِ ۾ اِحسَان ۽ ڀلائي جو حڪم ڏنو آهي، چوتہ اسان رَحمَۃٌ لِّلْعَالَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا امتي آهيون ۽ اسان کي زيب نٿو ڏئي تہ اسان ڪنهن کي تڪليف پهچايون، ڪنهن کي ڏُک ڏيون، ڪنهن کي ناحق اذيت پهچايون. امام شَعراني رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: رسولِ خُدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي طرفان اسان کان هي عهد ورتو ويو تہ اسان اللہ جي سڄي مخلوق تي شريعت جي دائري ۾ رهندي شفقت ڪيون.[2]

---

[1]...مصنف عبد الرزاق ،ڪتابُ:المناسک ،بابُ:سنۃ الذبح ، جلد:4، صفحہ:377، حديث:7640۔

[2]...لواقح الانوار القدسيہ ،العہد السابع و السبعون بعد المائۃ ، جلد:1،صفحہ:572۔

هن ڪان اڳتي امام شعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏو خوبصورت مدني گل ڏنو آهي، فرمائن ٿا: مخلوقات مان هر هڪ خُود پنهنجي حق ۾ جيترو رَحم دِل هوندو آهي، **ان جي حق ۾ اُن ڪان بہ وڌيڪ رحم دِل ٿي وڃڻ وِراثتِ مصطفيٰ** آهي.[1]

الله اَڪبَر! اي عاشقانِ رسول! اِسلام جو حُسن ڏسو! اِسلام اسان کي صِرف رحم دِلي جي تعليم نٿو ڏي بلڪ اسلام هي چئي ٿو تہ الله پاڪ جي ڪا مخلوق پاڻ پنهنجي حق ۾ جيتري رحم دِل آهي، توهان ان ڪان وڌيڪ ان تي رحم دِل ٿي وڃو!

## ڪيولين تي بي مثال رَحم

حضرت علي خَوَّاص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا الله جا ڪامل ولي ٿي گذريا آهن، سندن گهر ۾ ڪيوليون نظر نہ ايندِيون هيون، سندن مبارڪ انداز هو تہ پاڻ پنهنجي گهر ۾ ننڍن ننڍن سوراخن اڳيان ڪاڌو ۽ مانين جا ٽڪرا رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: ڪيولي جڏهن بکايل هوندي آهي تہ مجبور ٿي رِزق جي ڳولها ۾ پنهنجي بِر کان ٻاهر نڪرندي آهي، پوءِ ڪڏهن ڪنهن جي پيرن هيٺان اچي ويندي آهي يا ڪو جانور ان کي چيپاٽي چِڏيندو آهي، ايئن ويچاري موت جو شڪار ٿي ويندي آهي، مان پهريان کان ڪيولين جي سوراخ تي ماني وغيره رکندو آهيان تہ جيئن انهن کي ٻاهر نڪرڻ جي ضرورت ئي پيش نہ اچي، انهن جي گهر ئي ۾ انهن کي خوراڪ ملي، نہ اهي ٻاهر نڪرن، نہ پاڻ کي خطري ۾ وجهن.[2]

سُبحٰنَ الله! الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جو ڇا شان آهي...!! انهن جي سوچ ڏسو! ڪيتري نرالي هئي؟ هڪ ڪيولي شايد پاڻ بہ پنهنجي لاءِ اهڙو اهتمام نہ ڪندي هوندي، جهڙو اهتمام حضرت علي خَوَّاص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن جي لاءِ ڪندا هئا، اُنهن جي خوراڪ انهن جي گهر پهچائي انهن کي ممڪنہ خطري کان

---

[1]...لواقح الانوار القدسيہ ،العهد السابع و السبعون بعد المائة ، جلد:1،صفحہ:573۔

[2]...لواقح الانوار القدسيہ ،العهد السابع و السبعون بعد المائة ، جلد:1،صفحہ:574۔

بچائيندا هئا.

الله پاڪ اسان کي به اهڙو رحم دِل بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي، ڪاش! اسان به مخلوقِ خُدا جي لاءِ رحم دِل بڻجون، انسانن تي، جانورن تي، پکين تي، ڪيولين تي مهرباني ڪريون ۽ ثواب ڪمايون.

## توهان ان وقت تائين مؤمن نٿا ٿي سگهو جيستائين...

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَنْ تُؤْمِنُوا حَتّٰى تَرَاحَمُوا توهان ان وقت تائين (ڪامِل) مومن نٿا ٿي سگهو جيستائين هڪ ٻئي تي رحم نه ڪريو. صحابي سڳورن رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِم عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان سيئي هڪٻئي تي رحم ڪريون ٿا. فرمايائون: هي مراد نه آهي جو توهان پنهنجي صاحب (مثلاً دوست يا ياءُ) تي رحم ڪريو وَلٰكِنَّهَا رَحْمَةُ الْعَامَّةِ بلڪ هن مان عام رحمت مراد آهي.[1]

يعني تمام مخلوقات جي لاءِ رحم دِل ٿي وڃو! جانورن تي به رحم ڪريو! پکين تي به رحم ڪريو! ڪيولين تي به رحم ڪريو! مطلب! هر مخلوق جي لاءِ رحم دِل بڻجي وڃو!

## رحم دِل ماڻهو تي رحمٰن رحم فرمائي ٿو

بخاري شريف جي حديث پاڪ: پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَا يَرْحَمُ اللهُ مَنْ لَا يَرْحَمُ النَّاسَ جيڪو ماڻهن تي رحم نٿو ڪري الله پاڪ ان تي رحم نٿو فرمائي.[2]

هڪ حديث پاڪ ۾ فرمايو: اَلرَّاحِمُوْنَ يَرْحَمُهُمُ الرَّحْمٰن جيڪي رحم ڪرڻ وارا آهن، الله رحمٰن اُن تي رحم فرمائي ٿو.[3]

---

[1]… مجمع الزوائد،ڪتاب البر و الصلة ،باب رحمة الناس،جلد :8،صفحه:242،حديث:13671۔

[2]… بخاري،ڪتابُ التوحيد ،صفحه:1782، حديث:7376۔

[3]… ابو داؤد، ڪتاب الادب،باب الرحمة، صفحه:774، حديث:4941۔

## مک تي رحم جي صدقي بخشش ٿي وئي

حُجّةُ الاِسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي انتقال ڪان بعد ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇا ڪيائين: الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون: هڪ ڏينهن مان ڪجھ لکي رهيو هئس تہ هڪ مک منهنجي قلم تي اچي ويٺي ۽ مَس چوسڻ لڳي، مان رحم دلي جي سبب لکڻ کان رُڪجي ويس تہ جيئن اها مک پنهنجي ضرورت پُوري ڪري. بَس انهي مک تي ڪيل رحم جي صدقي الله پاڪ منهنجي بخشش فرمائي ڇڏي.(1)

## گھرواريءَ کي هٿوهٿ شِفا ملي وئي

امام شعراني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري منهنجي گھرواري سخت بيمار هئي، ايستائين جو ان جي حالت ڏسي گھروارن سمجھيو تہ بَس ان جا آخري پساهہ آهن، مان بہ ڏاڍو پريشان هئس، ان دوران مون کي غيب مان هڪ آواز آيو: تہ ڦلاڻي سوراخ ۾ هڪ مک آهي، ان کي هڪ وڏي مک پڪڙي قابو ڪيو آهي، تون ان مک کي ڇڏائي اسان توهان جي گھرواري کي شِفا ڏينداسين. امام شعراني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان هڪدم اتي سوراخ جي ويجھو ويس، ڏٺو هڪ تمام سنهو سوراخ هو، مون هڪ ڪک سوراخ ۾ وڌو، واقعي اتي هڪ مک هئي جنهن کي ٻي وڏي مک وات ۾ جھليو ويٺي هئي، جيئن ئي مون مک کي ڇڏايو تہ هڪدم الله پاڪ منهنجي گھرواريءَ کي شِفا عطا فرمائي.(2)

سُبحٰنَ الله! الله پاڪ اسان سڀني کي رحمدِلي نصيب فرمائي، ڪاش! اسان الله پاڪ جي مخلوق جو احترام ڪريون، هر هڪ سان ڀلائي ئي سان پيش اچڻ وارا بڻجي وڃون. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ .

---

1...فيض القدير، جلد:1، صفحہ:606،تحت الحديث:941۔

2...لواقح الانوار القدسيه ،العهد السابع و السبعون بعد المائة فی الشفقة و الرحمة علی الخلق، جلد:1،صفحہ:574۔

## ذَبح ٿيڻ واري جانور جي حق ۾ رحم دِل ٿيڻ جو بيان

پيارا اسلامي ڀائرو! رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ هڪ اُصُول بيان فرمايو ته اِنَّ اللهَ كَتَبَ الۡاِحۡسَانَ عَلٰى كُلِّ شَيۡءٍ بيشڪ الله پاڪ هر شيء تي اِحسان ۽ ڀلائي جو حڪم ڏنو. هي اُصول بيان ڪرڻ ڪان بعد پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: وَاِذَا ذَبَحۡتُمۡ فَاَحۡسِنُوا الذِّبۡحَ ۽ جڏهن توهان ذبح ڪريو ته ان ۾ به اِحسان ۽ ڀلائي جو لحاظ رکو! وَلۡيُحِدَّ اَحَدُكُمۡ شَفۡرَتَهٗ وَلۡيُرِحۡ ذَبِيۡحَتَهٗ توهان مان هرهڪ ڇُري کي تيز ڪري! ۽ پنهنجي ذبيحي (يعني جانور) کي راحت پهچائي!! [1]

حديثِ پاڪ جي هن حِصي ۾ رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ خاص ڪري ذَبح جي وقت جانور تي رحم ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. ذبح جي وقت جانور تي رَحُم ڪيئن ڪرڻو آهي؟ عالم سڳورن هن جون مختلف صُورتون بيان ڪيون آهن.

### (1) دِل ۾ رِقّت (نرمي) رکي ذَبح ڪريو!

امام شَعرانِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: (ذَبح جي وقت جانور تي رَحم ڪرڻ جي هڪ صُورت هي آهي ته جڏهن) اسان جانور کي ذَبح ڪري رهيا هجون، ان وقت به اسان جي دِل ۾ رِقّت موجود هجي. [2]

يعني الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪندي اسان جانور کي ذبح ته ڪريون پر ان جي صُورت هي هجي ته جڏهن اسان جانور جي ڳلي تي ڇُري هلائي رهيا هجون، ان وقت به اسان جي دل ۾ رحم ٿي هجي، ان وقت به اسان جي دل ۾ رِقّت ٿي هجي، ايئن ڪٽي ڇئجي! ڀانهو الله پاڪ جو حڪم مڃڻ لاءِ جڏهن جانور ڳلي تي ڇُري هلائي رهيو هجي، ان وقت رحم دِلي جي ڪري ان جي جي ڏڙڪن تيز ٿي وڃي، اکين ۾ لڙڪ اچن، ايئن دِل ۾ رِقَّت ۽ رَحم جي

---

[1] ابن ماجه، باب اذا ذبحتم فاحسنوا، صفحه:517، حديث:3170۔

[2] لواقح الانوار القدسيه ،العهد السابع و السبعون بعد المائة ، جلد:1،صفحه:575۔

ڪيفيت رکي جانور کي ذَبح ڪيو وڃي. هڪ ڀيري هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ بارگاھ رسالت ۾ عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! مان ٻڪري ذبح ڪيان ٿو ۽ مون کي ان تي رحم ايندو آهي، رحمتِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪڏهن توهان ٻڪري تي رحم ڪريو ٿا ته الله پاڪ توهان تي رحم فرمائيندو.[1]

افسوس! افسوس! اسان وٽ معاملو اُبتڙ آهي، ماڻهو قرباني جي وقت جانور جو تماشو ڏسي رهيا هوندا آهن، ڪي نادان ته جانور کي تڙپندو ڏسي تاڙيون وڄائيندا آهن بلڪ اڄڪلهه ته انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا جو دَور آهي، ماڻهو جانور جي، ان جي تڙپڻ جي ويڊيوز(Videos) ناهي سوشل ميڊيا تي وائرل ڪندا آهن، الله پاڪ اسان کي هدايت نصيب فرمائي! هي وقت تماشو ڏسڻ جو نه بلڪ رَحم دِلي جي سبب لڙڪ وهائڻ جو آهي، ان جانور جي خوش قسمتي جو هو الله پاڪ جي نالي تي قربان ٿي رهيو آهي، ان جي خوش قسمتي تي رشڪ ڪرڻ جو وقت آهي.

## (2): هڪ جانور جي سامهون ٻئي کي ذَبح نه ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! جانور سان ڀلائي جي هڪ صورت هي به آهي ته هڪ جانور جي سامهون ٻئي جانور کي ذبح نه ڪيو وڃي. خاص طور تي ماءُ جي سامهون ان جي ٻچي کي يا ٻچي جي سامهون ان جي ماء کي هر گز ذَبح نه ڪريو!

## ذِهني توازُن هليو ويو...!!

منقول آهي: هڪ شخص هو، هڪ شخص هو، ان ڳابيء کي ان جي ماءُ جي سامهون ذَبح ڪيو، ظاهر آهي ان جي ماءُ کي تڪليف ٿي هوندي پر بي زبان جانور پنهنجو ڏک ڪنهن سان بيان ڪري؟ ان جي ڪير ٻڌي؟ الله پاڪ! جيڪو رَبُّ العالمين آهي، جانور اُن جي بارگاھ ۾ عَرض ڪن ٿا، اهو ئي آهي جيڪو سيني جي ٻڌي ٿو، شايد اُن ڳابي جي ماءُ به الله پاڪ ئي جي بارگاھ ۾

[1]... مستدرڪ ،ڪتابُ:معرفة الصحابة ، ، جلد:4، صفحہ:765، حديث:6541۔

فرياد ڪيو هجي، پوءِ ان شخص جيئن ئي ڳابي کي ان جي ماءُ جي سامهون ذبح ڪيو تہ ان جي نحوست اها ٿي تہ ان شخص جو عقل ويندو رهيو، هو پنهنجو ذهني توازُن وڃائي وينو.

ڪافِي عرصو هو انهيءَ حالت ۾ رهيو، هڪ ڏينهن هو ڪٿان لنگهي رهيو هو، ان هڪ وڻ تي ڳيري جو آکيرو ڏٺائين، اوچتو ان آکيري مان ڳيري جو ٻچو زمين تي ڪِري پيو، ان شخص کي گهڻو رحم آيو ۽ ان ٻچي کي کڻي واپس آکيري ۾ رکي ڇڏيو. بَس هن رحم جي برڪت سان ان تي ڪرم ٿي ويو ۽ ان جو ذِهني توازُن وري نيڪ ٿي ويو.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰہ! خبر پئي! جانورن تي رحم ڪرڻ سان اللّٰہ پاڪ رحم فرمائي ٿو! ڀهر حال! قرباني ڪرڻ مهل هن ڳالھ جو خاص خيال رکيو وڃي تہ هڪ جانور جي سامهون ٻي جانور کي هر گز ذبح نہ ڪيو وڃي، بلڪ جنهن جانور کي ذَبح ڪرڻو هجي، ان کي هڪ پاسي اڪيلي ۾ ڪاهي وڃو، اتي ذبح ڪريو.

## (3) ذَبح جي لاءِ نَرمِي سان وٺي وڃي!

جانور تي رَحم جي هڪ صُورت هي بہ آهي تہ جانور کي نہ ڇڪجي، نہ ئي گهيليو وڃي بلڪ ذَبح جي لاءِ نهايت نرمي سان وٺي وڃجي. حضرت ابوسعيد خدري رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هڪ شخص وٽان لنگهيا، هو ٻڪري کي ڪن مان پڪڙي گهيلندي وڃي رهيو هو، رحمتِ دوعالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هن جو ڪن ڇڏي ڏيو! ڪنڌ جي ويجهو کان پڪڙيو![2]

مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ هڪ شخص کي ڏٺو، هو ٻڪري کي ذبح ڪرڻ جي لاءِ ٽنگ مان پڪڙي گهيلندي وٺي وڃي رهيو هو، پاڻ فرمايائون: تنهنجي لاءِ خرابي هجي! هن کي موت ڏانهن سٺي

---

[1]...جامع العلوم و الحکم ،صفحہ:164۔

[2]...ابن ماجہ، باب اذا ذبحتم فاحسنوا، صفحہ:517، حديث:3171۔

نموني وڃي وڃ...! [1]

## (4): ڇُري پهريان کان تيز ڪريو!

ذبح ٿيڻ واري جانور کي آرام پهچائڻ جي هڪ صُورت سرورِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هي بيان فرمائي تہ لِيُحِدَّ اَحَدُكُمْ شَفْرَتَهٗ توهان مان هرهڪ کي گهرجي تہ ڇري تيز ڪري.!

عالم سڳورا فرمائن ٿا: جانور بہ موت کان ڊڄن ٿا، ان ڪري گهرجي تہ ڇُري کي پهريان کان ئي خُوب تيز ڪيو وڃي، عين ذبح جي وقت کان پهريان انهن کي ڇُري نہ ڏيکاري وڃي ۽ جڏهن ذبح ڪرڻ لڳو تہ تيزي سان ڇُري هلائي جلدي جلدي ذبح ڪيو وڃي. [2]

رحمتِ عالميان، سلطانِ ڪون و مڪان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ شخص جي پرسان لنگهيا، هو ٻڪري کي ليٽائي، ان جي ڳچي تي پير رکي ڇُري تيز ڪري رهيو هو، ٻڪري ان ڏانهن ڏسي رهي هئي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇا توهان پهريان ايئن نٿا ڪري سگهو؟ ڇا توهان هن کي ڪيئي موت مارڻ چاهيو ٿا؟ ان کي ليٽائڻ کان پهريان پنهنجي ڇُري تيز ڇو نہ ڪئي؟ [3]

## ذَبح ڪرڻ جا ڪجھ آداب

شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ذبح ٿيڻ واري جانور کي راحت پهچائڻ جون ڪجھ صُورتون بيان ڪندي فرمائن ٿا:* **ڳئون** وغيره کي ڪيرائڻ کان پهريان ئي قبلي جي طرف جو تَعَيُّن ڪيو وڃي، ليٽائڻ کان بعد خاص طور تي پٿريلي زمين تي گِهلي ڪري ڪعبي ڏانهن منهن ڪرڻ بي زبان جانور جي لاءِ تڪليف جو سبب آهي * ذبح ڪرڻ ۾ ايترو نہ ڪٽيو جو ڇُري ڪنڌ جي مڻڪي (هڏي) تائين پهچي وڃي تہ اها بنا سبب تڪليف آهي، پوءِ جيستائين جانور

---

1...مصنف عبد الرزاق، جلد:4، صفحہ:393، حديث:8605 ۔

2...جامع العلوم والحكم، صفحہ:164 ۔

3...مستدرک، جلد:5، صفحہ:327، حديث:7637۔

مڪمل طور تي ٿڌو نہ ٿي وڃي، نہ ان جا پير ڪٽيو نہ کل لاهيو * ذبح ڪرڻ کان پوءِ جيستائين روح نہ نڪري وڃي ڇري بلڪل بہ جسم سان نہ لڳايو، ڪجھ قاصائي جلد "ٿڌو" ڪرڻ لاءِ ذبح کان پوءِ ڪنڌ جي کل لاهي ڇري هٽي ڪري دل جون رڳون ڪٽيندا آهن * اهڙي طرح ٻڪر کي ذبح ڪرڻ کان فورًا بعد ڪنڌ ڀڃي ڇڏيندا آهن، بي زبان جانورن تي اهڙي طرح ظلم نہ ڪيو وڃي، جنهن کان ٿي سگهي ان جي لاءِ ضروري آهي تہ جانور کي بنا سبب تڪليف پهچائڻ واري کي روڪي، جيڪڏهن قدرت هئڻ جي باوجود نہ روڪيندو تہ پاڻ بہ گنهگار ۽ جهنم جو حقدار آهي.(1)

## قيامت جي ڏينهن جانور مُسَلَّط ٿي سگهي ٿو...!!

ذَبح ڪرڻ کان بعد رُوح نڪرڻ کان پهريان ڇُريون هٽي بي زَبان جانورن کي بِلاوجھ تڪليف ڏيڻ وارن کي ڏِڄڻ گهرجي جو ڪاٿي مرڻ کان بعد عذاب جي لاءِ اهو ئي جانور مُسَلَّط نہ ڪيو وڃي. جهنّم مين لے جانے والے اعمال، جلد:2، صفحي: 323 کان 324 تي آهي: انسان ناحق ڪنهن چوپائي کي ماريو يا ان کي بکايل اڃايل رکيو يا ان کان طاقت کان وڌيڪ ڪم ورتو تہ قِيامت جي ڏينهن ان کان انهيءَ جي مثل بدلو ورتو ويندو، جيڪو ان جانور تي ظلم ڪيو يا ان کي بکايل رکيو. حديثِ پاڪ ۾ آهي: رَحمتِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جهنّم ۾ هڪ عورت کي هن حال ۾ ڏٺو تہ اها لٽڪيل آهي ۽ هڪ ٻلّي اُن جي چهري ۽ سيني کي پَٽي رهي آهي ۽ ان کي اهڙو ئي عذاب ڏئي رهي آهي جيئن ان (عورت) دنيا ۾ قيد ڪري ۽ بکايل رکي ان کي تڪليف ڏني هئي.(2)

## ذَبح جي وقت جون ڪجھ سٺيون نيتون

جانور کي ذَبح ڪرڻ وقت سٺيون سٺيون نيتون بہ حاضِر رکو؛ مثال طور اهي نيتون ڪريو: *الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ جانور ذَبح ڪيان ٿو* الله پاڪ هي

---

1...ابلق گھوڑے سوار ، صفحہ:15۔

2...بخاری، کتاب المساقاۃ، باب فضل سقی الماء، صفحہ:610،حدیث:2364۔

جانور پيدا فرمايو منهنجي قابُو ۾ ڏنو، منهنجي لاءِ هن جو گوشت حلال فرمايو، لهٰذا الله پاڪ جو اِحسَان مڃيندي، شڪراني طور قرباني ڪري رهيو آهيان.

الله پاڪ اسان سڀني کي رَحْم دلي جي نعمت نصيب فرمائي، بالخصوص جانورن تي رحم ڪرڻ، سنين سنين نيتن سان قرباني ڪرڻ، ذبح ڪيل جانور کي راحت پهچائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اميرِ اهلسنت جي والِدِ محترم جو ذِڪرِ خير

پيارا اسلامي ڀائرو! 14 ذو الحج تي دورِ حاضر جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت، شيخ طريقت، اميرِ اهلسُنّت حضرت علاّمہ مولانا ابو بلال محمد الياس عَطّار، قادري، رضوي، ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي والِدِ محترم جو عُرسِ پاڪ ٿيندو آهي، اچو! بيان جي آخر ۾ حصولِ برڪت جي لاءِ اميرِ اهلسُنّت جي والِدِ محترم جو ڪجهه ذڪرِ خير ٻڌون ٿا:

## ابو عطّار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مختصر تعارُف

اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا والِدِ محترم حاجي عبدُالرحمٰن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شريعت ۽ سُنّت جا پابند، متقي ۽ پرهيزگار شخص هئا، اڪثر نگاهون هيٺ رکي هلندا هئا، ڪين ڪافي حديثون زباني ياد هيون، دُنياوي مال ۽ دولت گڏ ڪرڻ جي لالچ نہ هئي. پاڻ سلسلہ عاليہ قادِريہ ۾ بيعت هئا.(1)

## قصيدهٔ غوثيہ جي برڪت

حاجي عبدُالرحمٰن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ عرصي تائين ڪولمبو ۾ تشريف فرما رهيا، اتان جي عاليشان حَنَفي ميمن مسجد جا انتظام سنڀاليندا هئا 1979 ء ۾ جڏهن شَيخ طريقت، اميرِاَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **ڪولمبو** تشريف کڻي ويا تہ اتان جي ماڻهن کي والِدِ صاحب سان گهڻو متاثر ڏٺائون. ڪولمبو ۾ قيام دوران اميرِ

1... تعارف اميرِ اہل سنت،صفحہ:11۔

اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه جي ماسڙ گفتگو دوران سندن ڪي ٻڌايو تہ مون پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي تہ جڏهن ڪٽ تي ويهي اوهان جا والد صاحب قصيدهء غوثيہ پڙهندا هئا تہ انهن جي ڪٽ زمين کان بلند ٿي ويندي هئي.[1]

## حج جي سفر ۾ وصال

امير اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه ننڍپڻ جي عمر ۾ ئي هئا تہ سندن والدِ محترم 1370 هجري ۾ سفرِ حج تي روانا ٿيا. حج جا ڏينهن هئا منٰي ۾ سخت لُو (يعني گرم هوا جا جهولا) لڳڻ جي ڪري ڪيئي حاجي سڳورا فوت ٿي ويا هئا، ابو عطار حاجي عبدالرحمن بہ مختصر علالت (بيماري) کان پوءِ 14 ذوالحِج 1370ھ تي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡن

پيارا اسلامي ڀائرو! حاجي عبدالرحمن رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪيتري قدر خوش نصيب هئا جو انهن کي حج جي سفر ۾ موت نصيب ٿيو. **حديثِ پاڪ ۾ آهي:** جيڪو حج جي لاءِ نڪتو ۽ فوت ٿي ويو تہ قيامت تائين ان جي لاءِ حج جو ثواب لکيو ويندو.[2] هڪ حديث شريف ۾ آهي: جيڪو هن راهہ ۾ (يعني حج يا عمري جي لاءِ) نڪتو ۽ فوت ٿي ويو ان جي پيشي نہ ٿيندي ۽ نہ ئي حساب ورتو ويندو، ان کي چيو ويندو: تُون جنت ۾ داخل ٿي وڃ![3]

طیبہ میں مر کے ٹھنڈے چلے جاؤ آنکھیں بند
سیدھی سڑک یہ شہر شفاعت نگر کی ہے[4]

## ايمان اَفروز خواب

امير اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه جي وڏي ڀيڻ جو بيان آهي: بابا سائين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي

---

1... تعارف امیرِ اہل سنت،صفحہ:11۔

2...معجم اوسط،جلد:4،صفحہ:93 ،حدیث:5321 ۔

3... مسند ابی یعلٰی ،مسند عائشہ،جلد:4 ،صفحہ:41،حدیث:4607 ۔

4... وسائل بخشش،صفحہ:222۔

وِصال کان بعد مون هڪ پيري هي ايمان اَفروز خواب ڏٺو ته بابا سائين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ وڏي نوراني چهري واري بزرگ سان گڏ آيا، منهنجو هٿ پڪڙي چوڻ لڳا: ڏيءِ! تون هن کي سڃاڻين ٿي؟ هي اسان جا مدني آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن، پوءِ رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون تي وڏي شفقت ڪندي فرمايو ته توهان وڏا نصيب وارا آهيو.[1]

سنا ہے آپ ہر عاشق کے گھر تشریف لاتے ہیں
میرے گھر میں بھی ہوجائے چراغاں یارسول اللہ

اللّٰه پاڪ جي حاجي عبدُ الرَّحْمٰن رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تي رحمت ٿئي، اللّٰه پاڪ اُن جي شهزادي يعني امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي وڏي عُمر بالخير نصيب فرمائي، سندن جي ۽ سندن سڀني گهروارن جو خير فرمائي.

یاخُدا! میرے مرشِد کو آباد رکھ | اُن کے سارے گھرانے کو بھی شاد رکھ

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! رحم دِل، نيڪ طبيعت بڻجڻ، نيڪين جو جذبو ماڻڻ ۽ بااخلاق ۽ باڪردار بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ به خوب وڏي حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰه الْڪرِيم! زِندگي ۾ بهار ايندي، ڪردار سٺرو ٿيندو ۽ دين ۽ دنيا جون ڪوڙ ساريون ڀلائيون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: مدني قافلو. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

---

[1]... تعارف امیرِ اہل سنت،صفحہ:12۔

## شرابي سُڌري ويو

هند جي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي کان پهريان شراب نوشي، عَياشي ۽ هُل هنگامو ڪرڻ، گاريون ڏيڻ، والدين ۽ پاڙيسرين کي تنگ ڪرڻ، جُوا کيڏڻ منهنجو ڏينهن رات جو ڪم هو. هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي جي هڪ ذِمّيدار اسلامي ڀاءُ اِنفرادي ڪوشش ڪندي مون کي مدني قافلي ۾ سَفَر ڪرڻ جي ترغيب ڏياري. ان جي ترغيب تي مان 3 ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافِر بڻجي ويس. مدني قافلي جي برڪت سان مون گناهن ڀري زندگي کان توبہ ڪري نمازن جي پابندي ڪرڻ وارو، فجر جي لاءِ مسلمانن کي جڳائڻ وارو ۽ ٻين کي مدني قافلن جو مسافِر بڻائڻ وارو بڻجي ويس.[1]

لوٹنے رحمتیں قافِلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافِلے میں چلو

دل پہ گر زَنگ ہو، سارا گھر تنگ ہو داغ سارے دُھلیں، قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قرآن مع تفسير ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! الحمد لله! دعوتِ اسلامي اسان کي موبائل جي ذريعي بہ عِلمِ دين سکڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿي. دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ پاران هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جارِي ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: Quran with Tafseer (قرآن مع تفسير). هي ايپلي ڪيشن Android ۽ IOS ٻنهي طرح جي ڊيوائسز تان ڊاؤن لوڊ ڪري استعمال ڪري سگهجي ٿي، هن ايپلي ڪيشن ۾ مکمل قرآن ڪريم

[1]... برڪاتِ مکہ ومدينہ، صفحہ:18۔

۞اعليٰ حضرت، آقاءِ نعمت، اِمامِ اهلسنت، شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو لکيل اردو ترجموڪنزالايمان ۞ جديد دور مطابق نهايت آسان اردو ترجمو، ترجموڪنز العرفان ۽ ۞آسان انداز ۾ لکيل، اُردُو جي سڀ کان جديد تفسير تفسير صراط الجنان شامل آهي. اوهان ڪٿي بہ هجو، هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان قرآنِ ڪريم ترجمو ۽ تفسير سان پڙهي آساني سان سمجهي سگهو ٿا، گڏوگڏ قرآني آيتن کي، ترجمي ۽ تفسير کي وٽس ايپ (Whats App)، فيس بُڪ (Facebook)وغيره تي پنهنجي دوستن سان شيئر بہ ڪري سگهو ٿا. هن ايپلي ڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، عِلمِ دين سکو ۽ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ڪمايو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ سُنَّت آهي

2 فرمانِ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): منهنجي اُمَّت جي اَفْضَل عبادت تلاوتِ قرآن آهي.[2] (2): جيڪو رات جو 200 آيتون تِلاوت ڪري، ان جو نالو عبادت گذارن ۾ لکيو ويندو ۽ جيڪو 400 آيتن جي تِلاوت ڪري، ان جي لاءِ هڪ قِنطاراَجر لکيو ويندو، هڪ قِنطار 120 قيراط جي برابر آهي ۽ هڪ قيراط

---

1 … مشڪوٰة،ڪتابُ:الايمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175.

2 …شُعَب الْاِيْمان، باب:تعظيم قرآن، جلد:2، صفحه:347، حديث:2004 .

اُحُد جبل جيترو آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪرڻ سُنَّت آهي. اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ ڪثرت سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا ۞حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا فرمائن ٿيون: ڪا شيء پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ کي تِلاوت کان نہ روڪندي هئي ۞پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ رات جي نماز ۾ ڪڏهن ڪڏهن پُوري سورت بقره ۽ سُورَت آلِ عمران جي تلاوت ڪندا هئا ۞روزانو رات جو سُورت سجده، سُورت ملڪ، سورت بني اسرائيل، سورت زمر، سُورَت ڪافرون، سُورت فلق ۽ سُورت ناس جي تلاوت ڪري سمهندا هئا.

الله پاڪ اسان کي بہ خوب تِلاوتِ قرآن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاہ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ.

الٰہی خوب دے شوق قرآں کی تلاوت کا
شَرَف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ العَالِیَه جو 91 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

غم کے بادَل چھٹیں قافلے میں چلو | خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو
رب کے در پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرماءِ.

آمِين بِجَاہ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...شُعَبُ الاِيمَان، جلد:2، صفحه:401، حديث:2197.